# زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر

چاپو پهريون

جلد ٢٠٠٠

جوڙيل مرزا قليچ بيگ

سنه ١٨٩٩ع

حيدرآباد

بمبئي علائقي جو سرڪاري تعليم ڪاتو.

# زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر

جوڙيل

خان بهادر ميرزا قليچ بيگ فريدون بيگ
ڊپٽي ڪليڪٽر نوشهره جو

ڇاپو پهريون                ٢٠٠٠ جلد.

سنه ١٨٦٧ هند جي سرڪار جي آڪٽ ٢٥ موجب
رجسٽر ڪيو ويو.

ڪراچي
گورنمنٽ سينٽرل بڪ ڊيپو.

سنه ١٨٩٩

سڀ حق ۽ واسطا قائم

قيمت ٠-١٤-٠

حيد ر اباد سند

قيصريه پريس ( مارڪيٽ روڊ ) ۾ ڇپيو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چڪائبجي ٿو. انهنڪي هنجي فائدي ۽ چڱي نتيجي جي خبرپڙهڻ
ڪان پوءِ پوندي.

باغ ۽ باغباني جي ڪتاب وانگي هن ۾ ست باب ڏنا ويا آهن
۽ هڪ هڪ باب ۾ ست فصل ڏنا ويا آهن. تنهنڪان سواءِ ڪي ضروري
ضميما ۾ گڏيا ويا آهن.

هن ڪتاب جي لکڻ ۾ اسان هيٺين صاحبن جا ڪتاب ڪم
۾ آندا آهن:- ٽانر صاحب، رائنسن صاحب، رابرٽسن صاحب،
منشي محبوب عالم صاحب، بابو نٿورام صاحب، شر انڪي صاحب،
برن صاحب، آلين صاحب.

منزل لاڙڪاڻو
۳۰ مارچ ۱۸۹۵

**قليچ بيگ**

# ڪتاب جي بابن ۽ فصلن جو تفصيل

صفحہ


ديباچو ١

## باب پهريون – زمين يا مٽيءَ بابت

فصل پهريون – اوائل جي سمجهاڻي ٤١

فصل ٻيو – زمين يا مٽيءَ جي بناوت ٤٣

فصل ٽيو – زمين يا مٽيءَ جي ترڪيب ۽ تشريح ٤٦

فصل چوٿون – زمين يا مٽيءَ جي جزن بابت متفرقو احوال ۽ اُنجي ڀلائي يا ڏِلائي ٥٢

فصل پنجون – زير زمينون يا زمين جا هيٺيان تهہ ٥٧

فصل ڇهون – زمين يا مٽي جي تقسيم يا اُنجو قسم وار تفصيل ٥٩

فصل ستون – ڀلي ۽ ڏِلي زمين، ۽ ڏِلي کي ڀلي ڪرڻ جي تجويز ٦٩

---

## باب ٻيو – ڀاڻ بابت

فصل پهريون – وڻن ۽ ٻوٽن جي تشريح ۽ انهنجو کاڌو ٧٣

فصل ٻيو – ڀاڻ جو اثر ۽ اُنجو تاثير ٧٦

فصل ٽيو – ڀاڻ جا قسم - (١) ڪيٽين جو ڀاڻ يا حيواني ڀاڻ ٧٩

فصل چوٿون – (٢) مصنوعي ڀاڻ ٨٤

فصل پنجون – (٣) طبيعي يا قدرتي ڀاڻ ٨٩

فصل ڇهون – ڏيهي ڀاڻن جو رواج ۽ فائدو ٩٤

فصل ستون – ڀاڻ جي نسبت عام ماڻهن جو خيال ٩٨

## باب ٽيون- پوکر لاءِ زمين تاهڻ بابت


فصل پهريون- زمين جي تياري ۲
فصل ٻيو- پوکر جي ڪم جا اوزار ۵
فصل ٽيو- پوکر جا ڪم ۽ اُنهنجا فائدا ۱۰
فصل چوٿون- زمين سنڀائڻ جا ڏيهي رستا ۱۱
فصل پنجون- پوکر جو سانباهو ۱۵
فصل ڇهون- ڳُڌ ڪرڻ جا فائدا ۱۸
فصل ستون- چڱي پوکر واسطي اڳوات جيؤن رٿون ۲۱


---

## باب چوٿون پاڻي ڏيڻ ۽ نيڪال ڪرڻ بابت


فصل پهريون- آبپاشي يا زمين کي پاڻي ڏيڻ ۲۵
فصل ٻيو- پاڻي ڏيڻ جا علاحدا رستا ۲۷
فصل ٽيو- آبپاشيءَ لاءِ واهن ۽ کڙين جو بند بست ۳۰
فصل چوٿون- پاڻيءَ جو نيڪال ۱۳۳
فصل پنجون- زيرزمين مان، يا زمين جي هيٺان، پاڻيءَ جو نيڪال ۱۳۷
فصل ڇهون- پاڻيءَ جي نيڪال جي ضرورت ۱۳۹
فصل ستون- پاڻيءَ جي نيڪال جا فائدا ۱۴۱


---

## باب پنجون- ٻج وجهڻ ۽ فصل پوکڻ بابت


فصل پهريون- ٻج جي صفائي ۽ حفاظت ۱۴۴
فصل ٻيو- تخمريزي يا ٻج پوکڻ ۱۴۷
فصل ٽيو- ٻج پوکڻ جا رستا ۱۵۰

فصل چوٿون – پوکر جي فصلن جو دستور ١٥٥
فصل پنجون – فصلن جو ڏور ١٥٧
فصل ڇهون – وارو ۽ ساهي ١٦١
فصل ستون – جدا جدا قسمن جي زمينن تي فصلن جو ڏور ويا وارو ١٦٣

---

## باب ڇهون – جدا جدا جنسن بابت

فصل پهريون ساريون ۽ جانور ١٦٦
فصل ٻيو – ڪڻڪ ۽ جَو ١٧٤
فصل ٽيو – ڪماند ١٨٥
فصل چوٿون – جوار، ٻاجهري، مڪائي، تر، مڳ، ماهن ۽ موٺ ١٩٣
فصل پنجون – ڪپاهه (وئوڻ)، نير ۽ سڻي ٢٠٨
فصل ڇهون – چڻان، مٽر، سرهه ۽ جانيو ٢٢٢
فصل ستون – تماڪ، پست، هيڊ، بصر ۽ ٿوم ٢٢٧

---

## باب ستون – فارم يا کيتيءَ بابت

فصل پهريون – کيتيءَ جو بند بست ٢٤٥
فصل ٻيو – هن ملڪ ۾ پوکر سان واسطي رکندڙن ڌورن جو بند بست ٢٥٢
فصل ٽيو – ڪوس جي ڪم لاءِ مال جو سدارو ٢٥٥
فصل چوٿون – چوپائي مال جو واڌارو ۽ اُنهنجي نسل جو سدارو ٢٥٩
فصل پنجون – چوپائي مال جو ڪاڌو ۽ اُنجي تشريح ٢٦١
فصل ڇهون – مال کي ڪاڌي جي ضرورت ٢٦٥
فصل ستون – کيرڏڌ، مکڻ وغيره جو بند بست ٢٦٩

## ضميما

پهريون – زمين ۽ پوکر بابت ڪن ضروري ڳالهين جا نقشا يا جدولون ٧٩
ٻيو – پوکر جي ڪم بابت ڪن ضروري ڳالهين جا انتخاب ٩٦
ٽيون – پوکر جي ڪم جي جنتري ٢٠۴
ڪتاب جي مضمون جي الف بي وار فهرست ٢٠٧

# زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر

## ديباچو

### پوکَ جي اڳين پوئين حالت ۽ تعليم ۽ ترقي

**پوکَ جي قديمي حالت**

خدا تعاليٰ انسان جي لاءِ ساري دنيا جي ضروري شين مان کاڌو مکيه ڪيو آهي. انهيڪري جنهن وسيلي يا اُپاءُ سان اُهو کاڌو حاصل ٿي سگهي ٿو سو ماڻهوءَ جي سڀني ڪمن ۾ مکيه ۽ مقدم سمجهڻ گهرجي. قديم زماني کان جدا جدا ملڪن ۽ قومن ۾ پوکَ يا آبادي ڪرڻ وڏي عزت ۽ آبروءَ جو ڪم ليکڻ ۾ پئي آيو آهي. ۽ جتي جتي ماڻهو سڌرندا ويا آهن يا اوج کي رسندا ويا آهن، اُتي پوکَ جي هنر جو قدر ۽ مان وڌندو ويو آهي. چين جو ملڪ، جو جهونين رسمن ۽ قديم علمن ۽ هنرن جو گهر آهي، تنهن ۾ اڄتائين انهيءَ جو ايترو قدر آهي جو سال جي پهرئين ڏينهن، جڏهن نوروز جي عيد ڪندا آهن تڏهن بادشاه پنهنجي تختگاه ۾ ساري ملڪ جا وڏا ماڻهو گهرائي گڏ ڪري پنهنجن هٿن سان هر ڪاهي ٿو. تنهن کانپوءِ شاهي گهراڻي جا ڀاتي ۽ امير اُمرا، توڙي رعيتي ماڻهو پنهنجي پنهنجي منهن هر ڪاهين ٿا. انهي رسم پوري ٿيڻ کانپوءِ بادشاه پنهنجي محلات ۾ مجلس ڪري ٿو، ۽ زميندارن ۽ ٻين ماڻهن کي دعوت ڏئي گهرائي ٿو. پوءِ کاڌي جون ٿالهيون ۽

**ڇهين** - پوڪر جي ڪم جون آخبارون ۽ نديڙا ڪتاب جاري ڪرڻ گھرجن ته زميندار ۽ آباد گار گھر ويٺي پوڪر جو ضروري احوال معلوم پيا ڪن. يا جيڪا اُنهنکي مشڪلات هجي تنهن بابت اهڙن آخبارن ۽ ڪتابڙين ۾ سوال وجهي جواب حاصل ڪري سگھن. يا ٻين ملڪن جي نون نون تجربن ۽ رٿن مان فائدو پائين. جهڙيطرح عام آخبارن مان ملڪي ۽ پنگتي ۽ اخلاقي ترقي پيدا ٿي سگھي ٿي تهڙيطرح پوڪر جي آخبارن مان پوڪر جي ڪم جي ترقي پيدا ٿي سگھندي.

**ستين** - جيسين سڪر ۽ وڏا ماڻهو ٻه غريبن وانگي پوڪر جي سڌاري ڏي مائل نه ٿيندا تيسين سڌاري جي گھڻي اُميد نه رکڻ کپي. دولت وارا پيسن خرچڻ سان پوڪر جي حمايت ڪن ۽ علم وارا قلم ۽ زبان جي هلائڻ سان مدد ڏين.

**آٺين** - جيڪڏهن پوڪر جون جماعتون ۽ مجلسون جتي ڪٿي قائم ٿي وينديون ته اُهي پنهنجي آس پاس وارن هنڌن کي هزارن قسمن جو فائدو پهچائي سگھنديون. اهڙيون سوسائٽيون ماڻهن کي پوڪر جي هنر جي ضرورت ڏيکاري هنن کي اهو شوق ڏياريندون؛ چندو گڏ ڪري پوڪر جي مڪتبن ۽ مدرسن کي مدد ڪنديون؛ نوان نوان تجربا ۽ سڌارا حاصل ڪنديون؛ ۽ اِنهي علم جي عالمن کي اهڙن سڌارن وجھڻ لاءِ مقرر ڪرڻ

سان گھڻائي چڱا ڪم ڪنديون. انهن سڀني ڳالهين مان نتيجو اهو ٿيندو جو پوک جي ڪم ۾ گھڻي ترقي ٿيندي.

# زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر

## باب پهريون

### زمين يا مٽيءَ بابت

## فصل پهريون

### اوائل جي سمجهاڻي

پوک يا کيتيءَ جو علم به آهي ۽ هنر به آهي. انهيءَ کي علم زراعت يا فلاحت چوندا آهن. انگريزيءَ ۾ ايگريڪلچر چوندا اٿس. انهن نالن هيٺ زمين پوکڻ کانسواءِ ٻيا به گهڻائي ڪم ۽ رستا اچي وڃن ٿا جن جي وسيلي اَن ۽ ماس ۽ اُن ۽ ٻيون ڪي نباتي ۽ حيواني شيون اُپائي سگهجن ٿيون، جي ماڻهن کي خوراڪ پوشاڪ وغيره لاءِ ڪم اچن ٿيون ۽ بازارن ۾ وڪامن ٿيون. ۽ پوک جي علم يا هنر مان فائدو تڏهن چئبو جڏهن زميندار يا آبادگار مٿين قسم جي پيدائش ٿوري خرچ ۽ هلاڪيءَ سان گهڻي اندازه ۾ اُپائي، ۽ اهڙو بندوبست ڪري جنهنڪري زمين کي به نقصان نه رسي، پاڻ سڌرندي وڃي، فصل به چڱو لهي، ڳائو يا ماهيو ۽ ٻاڪرو يا رڍ و مال، آسودو به رهي، ذات يا ٻُڪَ جو به چڱو ٿيندو

(٤) ڌسڙائتي واري، جنھن ۾ ١٠ کان ٢٠ تائين سيڪڙو چيڪي مٽي آھي.

(٥) وارياسي زمين، جنھن ۾ سيڪڙو ١٠ کان گھٽ چيڪي مٽي ٿئي ٿي.

(٦) مارل زمينون، جن ۾ سيڪڙو ٥ کان مٿي ۽ ٢٠ کان گھٽ چونو ٿو رھي. اُھي واريا سون توڙي ڌسڙائتيون توڙي چيڪيون ٿي سگھن ٿيون.

(٧) ڪالڪيريس يا چن واريون، جن ۾ سيڪڙو ٢٠ کان مٿي چن ھجي. ھي بہ واريا سون ۽ ڌسڙائتيون ۽ چيڪيون ٿي سگھن ٿيون.

(٨) ھيومس يا نباتي مادي واريون زمينون، جن ۾ سيڪڙو ٥ کان مٿي ھيومس رھي ٿو. اُھي بہ واريا سيون يا ڌسڙائتيون يا چيڪيون ٿين ٿيون، ۽ ھيومس جي گھٽ وڌ انداز موجب پليون يا ڌليون يا وچوليون ٿين ٿيون.

رابرٽس صاحب، جنھن مدراس ڪاتي جي زمين ۽ پوک جي جگھي چڪاس ورتي آھي سو رنگن ۽ ٻين خاصيتن موجب زمين کي گھڻن قسمن ۾ ورھائي ٿو، جنجو مختصر تفصيل سندن خاصيتن سميت ھيٺ ڏجي ٿو. (١) ڪاري ڪپھ واري زمين — ھيءَ ڪاري زمين جنھن تي اڪثر ڪپاھ يا ڪپھ جي پوک ٿئي ٿي، سا جڳھن انجن کان وٺي ٻن ٽن فوٽن عميق تائين ھڪڙو مٿيءَ جو تھہ آھي. اُھو ڪٿي ڪٿي ٢٠ فوٽ ٿلھو بہ ٿئي. مٿس ھيٺيون يا ڪڪريون ڪين ٿيون ٿين. ھيٺ يرو البت لِگ لِگ واري

## فصل ستون

### پاڻي ۽ ڍلي زمين، ۽ ڍلئي کي پاڻي ڪرڻ جي تجويز

پهرين سڀ کان چڱي زمين اها آهي، جنهن هر طرح جي مٽي ۽ غلاظت پوري طرح مليل هجي. هيءَ باغات جي لائق زمين آهي.

ٻي اها زمين نه چڱي ٿئي ٿي، جنهن جيڪي مٽي ۽ واري ۽ چونو گڏيل آهي. منهن جيڪڏهن مال جو ياڻ ۽ سڙيل پن پوندا ملائبا ته ديڪاري چڱي ٿيندي.

ٽين اها زمين، جنهن چوني کانسواءِ ٻين سڀني قسمن جي مٽي گڏيل رهي ٿي.

چوٿين درجي جي اها زمين آهي، جا رڳي واري هجي. هيءَ خراب ۽ ناقص قسم جي زمين آهي، ڇالاءِ جو منجهس پاڻي يا ريج ٽڪي نٿو سگهي. آڙهه ۾ تمام گرم ٿيو وڃي ۽ سياري ۾ جلد سرد ٿيو وڃي. تنهنڪان سواءِ هينان پاڻي يا آلاڻ نه چڙهي نٿي سگهي ۽ جلد سڪيو وڃي.

پنجين اها جيڪي زمين، جنهن ڏاڍائي ۽ خشڪيءَ سبب ڦوڙ پئجي وڃن ٿا.

ڇهين ڏنگاڄي زمين، جنهن ڪلر ۽ مٽي زمين گڏيل هجي.

ستين چوني واري اڇي زمين، جا اهڙي سخت آهي، جنهن ڪري ٻج جي ترورن جو اُن تي اُڀرڻ ڪو نه ٿو ٿئي. اهڙي مٽيءَ ۾ پاڻيءَ چوسڻ جي طاقت گهٽ ٿئي ٿي جنهنڪري منجهس پاڻي گهڻي ڏينهن بيٺي رهي ٿو ۽ پوک کي نقصان پهچائي

# باب ڇهون

## ڌاتون ۽ ڌاتيون

## فصل پهريون

### ڌاتن ۽ پوکن جي تشريح ۽ انهن جو ڪاڏو

علم ڪيميا جي وسيلي سان اسانکي خبر پئجي سگهي ٿي ته جيڪي فصل پوکڻ ۾ اچن ٿا تن جي باطني بناوت ڪهڙي آهي ۽ جن جزن مان اُهي جڙيل آهن سي اُنهنکي ڪٿان ٿا اچن. ڏسڻ ۾ ايندو ته سيڪنون اوپڙ يا ڌاتڻ يا سَلي جي بناوت ۾ ٻن علاحدن قسمن جا جسم يا جسمي جزا موجود آهن. هڪڙا آرگنڪ يعني حيواني ۽ نباتي ۽ ٻيا اِن آرگنڪ يعني معدني. انهن جو ذڪر مٿي ته ٿي گذريو آهي پر هتي وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجهائيندا سين.

جيڪڏهن ڪا نباتي شيءِ سنڀال سان باهه ۾ ساڙبي ته اُن جو گهڻو ڀاڱو ته دونهين جي شڪل ۾ گم ٿي ويندو، باقي تورو ڀاڱو رک يا خاڪ جي صورت ۾ رهندو. اها رک آهي معدني جسم، جنهنکي ڌاتن يا اوپڙن جو اِن آرگنڪ يا معدني جزو چوندا. انهي رک جي تشريح ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته انهيءَ ڪيترين ئي علاحدن قسمن جون شيون گڏيل آهن جي جدا جدا قسمن جي اوپڙن ۾ جدا جدا انداز جون ٿيون ٿين. سڀ قسمن جون پوکون، زمين ۾ جيڪي معدني شيون موجود رهن ٿيون سي سڀ، ڪَٽي ڪائي وجن ٿيون، سواءِ هڪڙي شيءِ جي، جا آهي آليومنا.

موجود رهن ٿا، تنهنڪري اُنجو تاثير گرم ٿئي ٿو.

جي ياڻ نباتي يا جمادي (معدني) آهن تنجو تاثير سندن اصلوڪي مادي تي منحصر رهي ٿو. تنهنڪري جڏهن ياڻ کنهن زمين ۾ وجهڻو هجي تڏهن پهريائين اُنجي خاصيت سڃاڻي ڪرڻ گهرجي، پوءِ ياڻ به اُنجي خاصيت موافق وجهڻ گهرجي. جي زمين جي خاصيت سرد هجي ته گرم تاثير وارو ياڻ منجهس وجهجي ۽ جي زمين جي خاصيت گرم هجي ته ياڻ سرد قسم جو وجهجي. وچولي قسم جي زمين کي ياڻ به وچولي خاصيت جو فائدو ڏيندو. جي اها نظر نه رکبي ته ياڻ ڏيڻ مان ڪو به فائدو ڪو نه ٿيندو ۽ پورهيو ضايع ٿيندو. مثلا جيڪڏهن زمين جي خاصيت سرد آهي ته اُنهه گرم قسم جو ياڻ وجهڻ گهرجي ۽ واريءَ زمين جي خاصيت گرم آهي ته اُنهه سرد قسم جو ياڻ وجهڻ گهرجي. انهيطرح مرڪب قسم جي زمين ۾ ياڻ به مرڪب قسم جو وجهڻ گهرجي.

---

## فصل ٽيون

### ياڻ جا قسم.

### (ا) بدين جو ياڻ يا ڍورن جو ياڻ.

ياڻ جا گهڻئي قسم آهن، جنجو تفصيل اسين هن ۾ هيٺ ايندڙن ٽن فصلن ۾ ڏينداسين.

پهرين، سڀ کان عام ۽ مشهور قسم بدين جو ياڻ يا ڍورن جو ياڻ آهي. انهي بدئي جي ياڻ ۾ هيٺيون سڀ شيون داخل آهن:

ڪٽي تہ جيئٽي وغيره گڏ ڪرڻ لاءِ وڏيون پيٽيون ٺهرائي رکندا آهن.
وٿاڻ ۾ ڪکہ يا گاهہ جمترو گهٽ وڪيٽريل پيو هجي اوترو چڱو.
گوڏي جيترو هجي تہ بهتر آهي. انهيءَ ڪري ڍورن يا جانورن کي اٿڻ وهڻ سمهڻ ليٽڻ جو بہ وڌيڪ سک ٿو ٿئي؛ مگر شرط اهو آهي تہ وقت بوقت اُنکي اُٿلائجي پٽلائجي تہ هيٺ مٽيءَ تي جيڪا پوسل ۽ بيو ڪچرو ٿيو هجي اهو بہ ڪکن سان گڏ جي وڃي.

---

# فصل چوٿون

## ياڻ جا قسم

### (٢) مصنوعي ياڻ

مصنوعي ياڻ جو مطلب آهي هتراد و جوڙيل ياڻ جو آباديءَ کي مدد ڏيڻ لاءِ جوڙجي. چالمهارو ورهہ ٿيندا جوهن قسم جو ياڻ ڪم اچڻ لڳو آهي. پهريائين پهريائين هن ڪم لاءِ هڏا ڪم ۾ ايندا هوا. انهنکي پيهي پوري اڌ انچ جي ٽڪرن واري پروڻ مان ڇاڻي تيار ڪندا هوا، جو پوءِ وڃي مال چارڻ وارن وين ۾ پکيڙي ڇڏيندا هوا، جتي گاهہ ۽ چارو گهٽو ٿيندو هو. جڏهن ماڻهون انهي مان فائدو ڏٺو تڏهن پوکن جي ڪم لاءِ بہ ياڻ وانگي هڏن جا پور زمين تي پکيڙي هرسان کيڙي ڇڏيندا هوا.

تنهنکان پوءِ وري اهو سدارو ڪيائون تہ هڏن کي پيهي آٽو ڪري ڪم آڻڻ لڳا. انهي لاءِ سنهڙن سوراخن وارو پروڻ ڪم آڻيندا هوا. آزمودي سان معلوم ٿيو تہ هڏن جي آٽي ڪم آڻڻ

مڪي ۾ ٻچي ۽ رت، مڇيءَ جا ڇلر ۽ ڀيو ڳنڊ، سمنڊ جو ڳاهه، وغيره انهن سڀني ۾ گهڻو نائٽروجن موجود آهي، جنهن مان ڳرڻ سان ڦري آمونيا نڪرندي آهي.

پوٽاش وري ٻي شيءِ آهي، جا ٻاڻ وانگي زمين جي سگهه وڌائيندي آهي ۽ آباديءَ کي مدد ڪندي آهي. پوٽاش جو نائيٽريٽ، جو ٻاروت ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، تنهن مان ۾ اهو نڪرندو آهي ۽ رواجي ڪاٺين جي ٻاهرجي رک مان ۾ ٿورو ٿورو هٿ اچي سگهي ٿو.

عام لوڻ ۾ ٻاڻ وانگي تمام ڪمائتو آهي. هن بابت ديباچي ۾ ۾ ذڪر ڪيل آهي سو ڏسڻ گهرجي. انهي ٻاڻ ڏيڻ ڪري اسين سودا موجود ڪري ٿا ڏيون جو زمين جي ڀلائيءَ کي گهڻي مدد ٿو ڏئي. سمنڊ جو لوڻ اهڙو چڱو ناهي جهڙو ڪاٺين يا ڪلر جو لوڻ. ٻاجهين جي لاءِ، خاص جوئرن ۽ ڳوهيءَ ۽ ٻصرن لاءِ توڙي ڪڻڪ لاءِ، ته حڪمت آهي. لوڻ ڏيڻ ڪري زمين جو ڪم پُن مارجي وڃي ٿو ۽ ان ۾ پاڻيءَ مال زور وٺي ٿو. گرم خشڪ زمين لاءِ هي چڱي شيءِ آهي ليڪن سرد ۽ گهميل زمين لاءِ اهڙي چڱي ناهي. لوڻ ۾ اها خاصيت آهي ته پوسل کي چڪي وٺي ٿو. ڪلن سُڪائڻ لاءِ جيڪو سادو لوڻ ڪم آڻيندا آهن اهو زياده اثر وارو آهي. هن ملڪ ۾ لوڻ مهانگو آهي، تنهنڪري آڪنر ڪاريڻ وانگي ڪم آڻيندا آهن.

# فصل پنجون

## پاڻ جا قسم

### (٣) طبيعي يا قدرتي پاڻ.

چُن يا چونو، جنهنکي انگريزيءَ ۾ لائيم چوندا آهن سو هن قسم جو تمام ڪمائتو پاڻ ليکيل آهي. اهو چوني جي پٿر يا چاڪ وارن ٽڪرن ۾ ڪاربانڪ آسڊ يا سلفيورڪ آسڊ يا فاسفورڪ آسڊ سان گڏيل جڙيو ملي سگهي ٿو. اڪثر پاڻ جي ڪم لاءِ ساڙيل چونو ڪم آڻيندا آهن. چوني جا پٿرڪوري ۾ ٻهائي ڪيڏي رکندا آهن. ائين ڪرڻ ڪري منجهانس ڪاربانڪ آسڊ نڪري وڃي ٿي ۽ خلاصو چونو بچي ٿو جنهنکي سڙيل چُونو سڏيندا آهن. اُنهن ۽ ڪچي چوني يعني چوني جي پٿر ۽ چاڪ جي وچ ۾ گهڻو تفاوت آهي، جيئن ته سڙيل چوني تي پاڻي وجهبو ته منجهانس ٻاڦ ۽ گرمي نڪرندي ۽ پٿر ۽ چاڪ تي پاڻي وجهبو ته ڪي ڪين ٿيندو. چوني ۽ پاڻيءَ جي گڏجڻ ڪري چوني جو هائيڊريٽ پيدا ٿو ٿئي، تنهنڪري منجهانس اهڙو اثر ظاهر ٿو ٿئي. انهيءَ کي پِنل چُونو چوندا آهن. اُنهيءَ کي جيڪڏهن ڳچ ڏينهن کليل هوا ۾ رکبو ته هوا جي ڪاربانڪ آسڊ وري به منجهس گهڙي ويندي، جا ٻچائڻ ڪري منجهانس نڪري وئي هئي؛ پر اهڙين حالت ڪان هن ۾ تيزي البت گهٽ ٿئي ٿي. اهڙين کي ڪاسٽڪ ۽ پوئين کي ڪاربونيٽ چوندا آهن.

چونو، جو پاڻ وانگي ڪم اچي ٿو، سو هنڪري ته سڙيل

آهن. انهيڪري زمين سڌري ٿي، مگر شرط اهو آهي ته اُها مٿي واريءَ سان نه ڍڪجي پر جيڪي ڍڪجي. ڏيڍن جي تري واريءَ مٿي، مان هي ٻه فائدو آهي ته جنهن بنيءَ ۾ وجهبي اُتي ڪن وِرهن تائين خراب قسم جوگاهه نه نڪرندو ۽ زمين جي سگهه قائم رهندي.

(١٥) برف ۽ ڳڙا- جيڪڏهن پوکر اجان نندي هوندي ۽ اجان ٻجهي پوڻ جهڙي ڏاڍي نه ٿي هوندي ته برف يا پاري پوڻ يا ڳڙن وسڻ مان انهيکي فائدو ٿيندو، بشرطيڪ حدکان وڌيڪ نه ڍڪجن.

(١٦) پکين جون ولڙيون- هي ٻه ڪڙو عدو ياڻ آهي، خصوصا ڪبوترن ۽ ٻدڪن جون ولڙيون. جنهن زمين ۾ پونديون آهن انهيکي تمام ڀلو ڪري وجهنديون آهن.

(١٧) ڪڙ- ڪتي تيل جي ڪڙپاڻيءَ ۾ ڀڃائي ٻنيءَ ۾ وجهندا آهن، جنهنمان وڻن ۽ ٻوٽن کي وڌڻ ۽ پکڙڻ ۾ گهڻي مدد ملندي آهي. جيڪي ڍورڪڙ ڪترڪائيندا آهن تنجو ڇيڻو ٻين جي ڇيڻي کان وڌيڪ زوروارو ٿئي ٿو، بشرطيڪ اُهي ڍور ڏٻرا نه هجن.

---

## فصل ستون

### ياڻ جي نسبت عام ماڻهن جو خيال

هن ملڪ ۾ ڪي ٿورا زميندار يا آبادگار آهن جي ياڻ وجهڻ ڪرڻهش رکن ٿا، نت اڪثر اُنجي گهڻي پروا ڪا نه رکندا ۽ اُنجو، ملڪن جي ماڻهن وٽ ياڻ جو تمام گهڻو قدر آهي.

سائي پوکر پاڻهي پيدا ٿي ۽ جهجهو آن ڏنائين، جنهنڪري اهو زميندار جو اصل غريب هو سو پيسي وارو ٿي پيو. حقيقت ڪري انهي جو سبب هي هو ته اُنهي زمين کي اصل هر ڏنل هوا ۽ زمين پڳل پريل نرم ۽ سٺين ٽيل هٿي. تنهن جو هيٺري لشڪر جي ماڻهن ۽ حيوانن جو تورو پيشاب ۽ ڇيو پاڻ پيو ۽ گهڻن ڏينهن تائين منزل هٽڻ ڪري پي گڏ ٿيو. تنهنڪانسواء گهوڙن ۽ ٻين جانورن لاء جو داڻو پي آيو تنهنڪري ڪيترُوئي اُن- جوَ جڻا وغيره، پي ڪريو. وري جو اتفاق سان مينهن پيو، تنهنڪري دستوري پوکر ڪرڻ کان سوائي ٻج نه پيو، پاڻ نه آيو ۽ پاڻي نه مليو. فصل پلو ٿي ويو ۽ زميندار کي مفت جو آن ملي ويو، جنهنمان اُنکي ياگ لڳو.

اشارو- ڊاڪٽر **وهيلڪر** جون جدا جدا قسمن جي پاڻن جون يادداشتون ضميمي پهرين ۾ ڏنل آهن سي ڏسڻ گهرجن.

# باب ٽيون

## پوکر لاءِ زمين ناهڻ بابت

---

## فصل پهريون

### زمين جي تياري

ڪي زميدون ته اصل کان هرڊيڻ جيئن لائق ٿين ٿيون؛ پر نهور زمينون گهڻو ڪري پهرين خراب حالت ۾ رهن ٿيون، پوءِ گهڻي پورهئي سان انهيءَ ناهي تيار ڪجي ٿو، تڏهن منجهس آسانيءَ سان هر اچي سگهيتو. ڪن ۾ ته جهنگ ۽ ٻيلو ٿو رهي. اُنهنجيءَ زمين اڪثر ٻلي ۽ آباديءَ لائق آهي، رڳو وڻ وڏا ٿيندا ۽ جهنگ ڪيڏو ٿيندو، پوءِ پوکي سگهجي ٿي. پر گهڻن حالتن ۾ اُنهن سينهي وڻن ۽ سڀ جهنگ ڪيڏي ڇڏڻ جو ضرور نه ٿيندو ۽ نه ائين ڪرڻ مناسب نظر ايندو. شايد بهتر ائين ٿيندو ته زمين ۾ ڪن جاين تي اُهي ڇڏي ڏجن ته سخت گرميءَ ۽ سرديءَ جي پوري ٻهارڻ ۾ گهڻي مدد ڪن ٿا. جتي نادن اُتي انهي قسم جا گهڻا نقصان ظاهر ٿيا آهن.

تڏهن زمين پوکڻ ۽ پوکر جي ڪمن هلائڻ لاءِ ضرور آهي ته ٿورو يا گهڻو زمين تان وڻ ٽڻ ڪيڏي صفا ڪجي. وڻ وڏي وڪڻي پيسا ڪري ٿا سگهجن، يا عمارتي ڪمن ۾ لڳائي ٿا سگهجن؛ جيڪي ڪاٺيون نڪميون هجن سي گهرو ڪم ۾ آڻي ٿيون سگهجن. ٻيو جيڪي ٻچن سي ٻنيءَ جي جوڙاري لوڙهن ڏيڻ ۾ ڪمائتيون ٿي ٿيون سگهن. جي ٻئي ڪم ۾ نه اچي سگهن

زمين سنهي ۽ سڱين نہ هوندي تيسين منجهس ٻج پوري طرح وجهي نہ سگهبو. جيڪڏهن ٻج پوري طرح پوندو تہ سلا جلد نڪرندا ۽ ضايع نہ ٿيندا, ڇالاءِ جو اُهي سگهوئي پنهنجون سنهڙيون پاڙون ڪاڻي جي ڳوڙ ۾ هيٺ هلائيندا ۽ جي مٽي سڱين يا سنهي نہ هوندي تہ حرڪت ٿيندي. ۽ ليٽڻ گهمائڻ ڪري جو مٽي وري جمي ٿي تنهنمان اهو فائدو آهي تہ سلا وڌڻ وقت پاڙون هيٺ پاڻ جهڙي ٻيڻي سگهندا.

سان جمڻ کان پوءِ وري گڏ ڪرڻ يا سنهون سنهون گاهہ پٽي ڪيڻ ضروري آهي. هي ڪم رنبي سان ڪندا آهن ۽ ولايت ۾ ترگهوڙن هلائڻ سان ڪندا آهن. جي ائين نہ ڪبو تہ ڪم سلن جو قوت ڪسي کائي ويندا. گڏ ڪرڻ بابت اسين هيٺ ٻئي ڪنهن فصل ۾ خلاصو بيان ڏينداسين.

---

## فصل چوٿون

### زمين سنيائڻ جا ڏيهي رستا

مٽي جي سيني زميندارن ۽ آبادگارن کي اها پڪ خبر آهي تہ جيڪڏهن نرم زمين ۽ طاقت واريءَ مٽيءَ ۾ ٻج وجهبو تہ سلا پلا نڪرندا ۽ جلد وڌندا ۽ پڪڙندا ۽ اڪثر سرسبز رهندا. تنهنڪري زمين جو اُٿلائڻ ڇڳو ۽ ضرور سمجهندا آهن, جو انهيڪري زمين نرم ٿي ٿئي ۽ طاقت واري مٽي هينان مٿي جڙهي اچي ٿي ۽ ڪمزور مٽي مٿان هيٺ وجي ٿي. پوءِ توڙي وڻ اُٿلايل زمين ۾ اڪثر خراب حالت ۾ رهي ٿو.

تہ فائدو ٿيندو ۽ ڪھڙي پوکبي تہ نقصان پوندو. بعضي خراب زمينن ۾ گھٽيون جنسون گڏي پوکبيون تہ فائدو ٿيندو؛ جھڙيطرح ڪڻڪ سان گڏ ڄٽان پوکڻ. اُنھيءَجو سبب ھي آھي تہ ڄٽن جون پاڙون ڏگھيون ۽ ٿلھيون ٿيون ٿين. جي مينھن گھٽ وسيو يا سيلاب گھٽ ٿيو تہ اِنھي زمين جي اندران آلاڻ ڇڪي ٿيون وٺن، پر ڪڻڪ جون پاڙون اھڙيون ناھن؛ تنھنڪري ڪڻڪ ۽ ڄٽان گڏي پوکجن تہ ڪڻڪ جي پاڙن کي مدد ملي. ساڳيءَطرح خريف ۽ ربيع جون ٻيئون جنسون ھڪ ملائي پوکي سگھجن ٿيون. باغ جي وڻ سان ھڪ اھڙي تجويز فائديواري ٿئي ٿي، جيئن تہ انبن جي وڻن سان گڏ ڪيوڙا ھڪ پوکي ڇڏجن تہ چڱو آھي، جو اِنھيڪري انبن جي وڻن کي زيادہ پاڻيءَ جي گھرج نہ ٿيندي.*

---

* سنڌ ۾ ڪڻڪ ۽ ڄٽا گڏ نہ پوکبا آھن، ھنڪري جو ھڪڙو تہ ڄٽن جي پوکہ پوکجي اڳاٽي ۽ لبي پاڇاٽي ۽ ڪڻڪ جي پوکہ پوکجي پاڇاٽي ۽ لبي اڳاٽي ٻيو تہ ڪڻڪ جي سوڙھن ٿيلين ۾ ڄٽن جا ٻوڙا وڏيڪ سوڙھہ ڪندا ۽ ٽيو تہ ڄٽن کي ٻھرين لٽو يا پيلاڻو آھي تہ پلاڻين. پر ھي جيڪي لکيو ويو آھي سو آزمودگار صاحبن علمي متن جي حجت تي لکيو آھي. جي تجويز سان عملً ڪبي تہ اِھي مٿيان سبب حرڪت نہ ڪري سگھندا.

# باب چوٿون

## پاڻي ڏيڻ ۽ نيڪال ڪرڻ بابت

---

## فصل پهريون

### آبپاشي يا زمين کي پاڻي ڏيڻ

زمين کي پاڻي ڏيڻ يا رجائڻ ۾ اُهو پاڻي ٽن طرحن سان ڪمائتو ٿي سگهي ٿو:- (۱) پوکر يا سلي جي بناوت ۾ اُهو مدد ڪري ٿو. (۲) نباتي ڪاڏي جا جزا ڳاري يا جهاي پوکر کي خوراڪ پهچائي ٿو. (۳) پوکڻ کان اڳئي اُن لاءِ زمين ۾ نباتي ڪاڏو ڳاري رکي ٿو. پوکن کي پاڻي ڏيڻ مان اهي ٽئي فائدا ٿين ٿا، مگر نمبر ٻئي وارو فائدو خاص جهجهو ٿو ٿئي.

جيڪڏهن ڪنهن هنڌ کي پاڻيءَ جي وسيلي سان سان جو خاص گهربل ڪاڏو پهچي ٿو تہ اُنهي مان ڪيترائي فصل[يا] ڏيڻ کان سواءِ ڪڻي سگهجن ٿا ۽ اُها تڪجي نہ ٿي پوي.

پاڻيءَ ۾ *نباتي ڪاڏو يا ڳريل ۽ حل ٿيل رهي ٿو، يا فقط مليل رهي ٿو. پهرين حالت جي نشاني آهي تہ پاڻي صفا ۽ چمڪندڙ هوندو، ۽ ٻيءَ حالت جي نشاني آهي تہ پاڻي صاف نہ هوندو ۽ لڙو يا رنگ وارو هوندو، جيئن ڪ آنرڻ سان اُهو لت هيٺ ويهي نہ ويندو. تنهنڪري پاڻي کي ڏلال ڏسي ائين سمجهڻ نگهرجي تہ منجهس

---

* نباتي ڪاڏي جي معنيٰ آهي جي جيئون نباتات کي ڪاڏي وانگي ڪم اچن ٿيون. اهي گهڻو ڪري پاڻ معدني جزن مان ٺهيل آهن مگر اُنهنکي سڏ بو نباتي ڪاڏو.

ڦٽڻ وارا آهن اُني اُهو به وڏو فائدو ٿئي ٿو.

(٨) اهڙي زمين ۾ پوک گهڻي اُپت واري ٿئي ٿي. خاص ڪري ڪڻڪ جو آزمودو ڪيو اٿن ته گهٽوان تي ڪري ۽ رتي ملهو يا ٻيو مرض ڪونه لڳي.

(٩) اِن ڀاڱي جيڪا پيدائش ٿئي ٿي سا عمدي قسم جي ٿي ٿئي.

(١٠) پاڻيءَ جي نيڪال ٿيل زمين تي گهڻن قسمن جون پوکون پوکي سگهجن ٿيون. ڪوبه پاڳوهيءَ جو ڏيرآباد چڱو ٺونقو پوي. اها سڌاري جي حالت خاص جيڪي زمين سان وڌيڪ لاڳو آهي.

(١١) اهڙين زمينن تي پوک ڪرڻ آسان ۽ گهٽ خرچ واري آهي. پورهئي ڪرڻ لاءِ زياده وقت ۽ وجهه ملي ٿو ۽ محنت ٿوري درڪار ٿئي ٿي.

(١٢) اهڙين زمينن تي ڀاڻ چڱيءَ طرح وجهي سگهجي ٿو ۽ جيڪو وجهبو سو اثروارو ۽ زياده مفيد ٿيندو ۽ منجهانس ذرو به نڪمون ٿي ڪين ويندو.

(١٣) اهڙي هنڌ رهڻ وارن ڏورانگي بيماري ڪانه ٿيندي. چڱا ڀلا رهندا. پوڙ ۽ پوسل وارن هنڌن ۾ مال ۾ اڪثر ڦٽڻ جي بيماري پيدا ٿئي ٿي ۽ تنهنڪري پاڻيءَ جي نيڪال ڪري اهي سڀ مرض دفع ٿي وڃن ٿا.

(١۴) پوڙ وارن هنڌن ۾ ماڻهن کي به اڪثر بيماري ٿيندي آهي. اها ڳالهه ته تمام مشهور آهي. پاڻي جي نيڪال ڪري آس پاس شهرن ۽ ڳوٺن وارا رهاڪو چڱا ڀلا رهندا.

رکاجي جيئن مٿس مينھن نہ پوي. انھيطرح ھہ ٿي ورھہ رکي رھندي؛ خراب نہ ٿيندي. جي پوسل لڳيس ترڳري ويندي، ٻوءِ جانورن جي کائڻ جھڙي نہ ٿيندي.

---

# فصل پنجون

## ڪپاھہ (وئوڻ)، نيرُ ۽ سڻي

---

### ڪپاھہ

ھن ملڪ جي ضروري جنسن ۽ واپار جي شين مان ڪپاھہ ھڪڙي آھي. ھن جنس جو واپار **انگلئنڊ** ۽ ٻين ملڪن سان گھڻو ھلي ٿو. جيڪڏھن سنڀال سان محنت ڪري ھنجي پوکر ڪجي ۽ آبھوا موافق ھجيس تہ جيڪر ھنجي فصلن مان گھڻو فائدو ٿئي. ھنجو واپار ڪنھن ملڪ جي واپار سان برابري ڪري ٿو. ھن مان انسان جا ڪپڙا ٺھن ٿا ۽ پردہ پوشي حاصل ٿي ٿئي. تنھنڪري بہ اُنجي پوکر ڪرڻ لازم ۽ ضرور آھي.

ھن ملڪ جي ڪپاھہ جي تند اھڙي وڏي نٿي ٿئي جھڙي **اميريڪا** ۽ بوربون ھيٺ جي ڪپاھہ جي، مگر مضبوط وڌيڪ ٿئي ٿي؛ تنھنڪري **يورپ** ۾ ھن ملڪ جي ڪپاھہ پسند آھي. جا زمين نشيب ھجي ۽ ھنجنھن پاڻي جو ڊپ ھجي اُتي ھيءَ جنس نہ پوکجي. جيئن زمين مٿانھين تيئن چڱي. ھنجي لاءِ بہ چڱي زمين اھا آھي جا ڪماد جي لاءِ چڱي ھجي؛ يعني وچولي قسم جي. ڳاڙھيرڙي نرنگ جي مٽي جا سخت نہ ھجي سا تمام چڱي آھي. ڳوٺن جي ڀرواري زمين يا درياھہ جي لٽ يا نئين پيل زمين وئوڻ لاءِ چڱي

پاڙن مان زمين کي پاڻي جو اثر ملي. ۽ هيو تہ سٽيءَ جي تعدن ڪيڏڻ ۾ بہ سهوليت ٿيندي.

لٽڻيءَ کان پوءِ سٽيءَ جا گڏا ٻڌي رکجن. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ اُهي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي مٿان دٻائجين. وهندڙ پاڻي هجي تہ پاڻ جڳو، ۽ اهڙيطرح رکجين جئن پاڻي جي اندر بہ هجن ۽ ترن بہ پيا، يعني زمين جي تريءَ کان مٿ پيرو هجن. اها نظر رکجي تہ گهٽي پچائڻ ڪري گري بہ نہ وڃن. جڏهن ڪانيءَ جي کل آلي ٿي لهڻ يا اُٿلڻ لڳي تڏهن سٽيءَ کي پاڻيءَ ۾ جڳيطرح ڌوئي ٻاهر ڪيڏي رکجي، جئن مٽي نہ لڳيس. پوءِ اُس ۾ سڪائي انجو وڪرو ڪجي يا پنهنجي ڪم لائجي. هاري ماڻهو رات جي وقت فرصت ڏسي ڪاٻين تان تعدون لاهي ڌار ڪري رکندا آهن ۽ پوءِ رسا وٽيندا آهن. ڪانڊيون سڪي کان پوءِ جڳيون ٻرنديون آهن.

رسن جي لاءِ سڄادو بہ پوکڻ ۾ ايندو آهي پر اُهو وٽن جي قطار ۾ داخل آهي. *

---

*سٽيءَ جو ذڪر باغ واري ڪتاب ۾ ڪلن جي باب ۾ بہ ڪيو الون سو ڏسڻ گهرجي.

# باب ڇهون

## چڻا، مٽر، سرنهن ۽ ڄانبو

### چڻا

هيءَ ربيع جي جنس آهي. اُن جي جنس ۾ هن جهڙي ٻي زور واري ڪانهي. توارئي چڻا ڪائبا ته پيٽ ڀرجي پوندو. ڏيڍ هضم ٿا ٿين. هن ملڪ ۾ اهي گهڻا ٿا ڪپن. سرد ڄاين کان سواءِ هي ٻين سڀني هنڌن تي پوکبا آهن.

هن جنس لاءِ سخت زمين گهرجي، يا اُها جنهن جي مٽان واري هجي ۽ هيٺان چيڪي ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جي زمين هجي، انهي مٿيءَ ۾ ٿورو چونو ٻه مليل هجي ته چڱو آهي. چڻن جون پاڙون ٻين جنسن جي ڀيٽ هيٺ وڃن ٿيون. تنهنڪري هيٺين زمين زور واري هوندي ته هن فصل لاءِ چڱي آهي.

چڻا ٻن ٽن قسمن جا آهن هڪڙا ديسي ٻيا ڪابلي. ديسي چڻا ڳاڙهي رنگ جا ۽ ڪاري رنگ ڏي مائل ٿيندا آهن ۽ ڪابلي چڻا ڳاڙهي رنگ جا ۽ زرديءَ ڏي مائل ٿيندا آهن ۽ قد ۾ ٻه ننڍا ٿيندا آهن. هي نازڪ قسم آهي تنهنڪري گهٽو پوکڻ ۾ نه ايندو آهي. ديسي چڻن کان هن جي ڪاڌي ۾ لذت وڌيڪ آهي، مگر پيدايش گهٽ ٿيندي اٿن.

چڻن پوکڻ لاءِ ٻه دفعا هر ڏيڻ ڪافي آهي. ڪي ته فقط هڪڙو ڀيرو هر ڏئي ٻج پوکي ڇڏيندا آهن. پوکڻ مهل زمين ۾ سيلاب ضرور هئڻ گهرجي نه ته ڄمندائي ڪين.

سمجهڻ گهرجي. رڍن ٻڪرين ۾ بت جي ١٤ پائونڊن جي وزن مان ٩ پائونڊ گوشت جا ۽ ٥ پائونڊ ڇيڇڙن جا ٿا ٿين ۽ ڍڳائي ماهي مال ۾ ١٤ پائونڊن جي وزن مان ٨ پائونڊ گوشت جا ۽ ٦ پائونڊ ڇيڇڙن جا ٿا ٿين.

انهي مان ڏسڻ ۾ ايندو ته کاڌو مٿاجي ماس ٺئي تنهنکان اڳي انکي ٻه ڇڪون ٿيون ٿين جي پلجڻ گهرجن ۽- هڪڙي جسم جي تندرستي قائم رکڻ جي، ٻي اُنهي کاڌي منجهان اُنهن عضون جوڙڻ جي، جي باقي ٻچيل کاڌي کي مٿائي گوشت ڪن. تنهنڪري مال کي ايترو ۽ اهڙو کاڌو ملڻ گهرجي جنهنمان اهي مٿيون ضروري گهرجون ته پلجن پر باقي جيڪي وڌيڪ ڏنو وجي تنهنمان مٿاجي گوشت ۽ چربي ٺئي جا وڪري جي ڪم ۾ اچي ۽ پيسو پيدا ڪري.

آزمودن وٺڻ سان ثابت ٿي رهيو آهي ته جدا جدا قسمن جي کاڌي مناسب اندازه گڏي ڏيڻ سان جيترو گوشت ۽ چربي پيدا ٿين ٿا اوترو ساڳي قسم جي کاڌي جي ساڳي اندازجي ڌار ڌار ڏيڻ سان نٿا ٿين. مثلا جيئن مٿي ٻه ڏيکاريو ويو آهي ته ٨ پائونڊ ڌاري جا هڪ پائونڊ جيترو ماس جو وزن ڳئون ۾ وڌائين ٿا ۽ ٦ پائونڊ کڙ جا ٻه ٻيو هڪڙو پائونڊ ماس جو وڌائين ٿا؛ پر جي اهو ڌارو ۽ کڙ ملائي گڏيل کاڌو ڪري ڳئون کي کارائبو ته اُنمان چار پائونڊن جيترو ماس وڌندو. البت انهي گڏيل کاڌي ناهڻ ۾ اها نظر رکڻ ضرور آهي ته جدا جدا خاصيتن جا کاڌا گڏڻ ۾ اچن، - هڪڙا خاص چربي پيدا ڪرڻ وارا جيئن ته سَرهه، جانپو، کڙ، جَوَ وغيره؛ ۽ ٻيا خاص گوشت جوڙڻ وارا، جهڙي طرح ڪ چڻا، مٽر، وغيره.

پنير نهي ٿو. بعضي ته ڇڪي ڪڍڻ کان پوءِ جيڪو ڪتو پاڻي پنير مان نڪرندو آهي تنهنکي باهه تي جوش ڏيندا آهن ۽ اُنجي ته گڏ ڪندا ويندا آهن ته اُنهيءَ مان به جهڙو تهڙو پنير نڪري پوندو آهي. بعضي ته رکيل کٽي کير کي ولوڙي مکڻ ڪڍڻ کان پوءِ جيڪا لسي بچندي آهي تنهنکي ڪاڙهي منجهانس پنير ڪڍندا آهن. ڪٿي ته وري ڦودنو يا سونف يا ٻيا ساوا پن وجهي يا ٻي رنگ جهڙي شيءِ گڏي پنير رنگ وارو ناهيندا آهن.

مٿين بيان مان معلوم ٿيو هوندو ته هن ملڪ جي رواج ۽ ولايت جي رواج ۾ ڪيترو تفاوت آهي. هُتي مکڻ کير مان ڪڍندا آهن ۽ هِتي ڏونري مان. هُتي ڏونرو تڏهن ڪندا آهن، يعني سباڻ سان کير تڏهن جمائيندا آهن جڏهن پنير جوڙيندا آهن. ولايت مان پنير ٽين جي ڏٻن ۾ وڪامڻ لاءِ هتي ايندو آهي. مگر بهتر آهي ته پنهنجو تازو ناهي ڪم آڻجي.

ڊاڪتر وهيلڪر چيشائر جي عمدي پنير جا في سيڪڙي تي هينيان جزا ڏنا آهن - پاڻي ٥٩ ۽ ٣٢؛ مکڻ يا سٿپ ١٥ ۽ ٣٢؛ ڪاسين ٦٠ ۽ ٢٦ (جنهنبه ١٧ ۽ ٤ نائٽروجن رهي ٿي)؛ کنڊ يا کير جو مناڻ ٥٣ ۽ ٤؛ معدني شيون يا رک ٣١ ۽ ٤ (جنهنبه ٥٩ ۽ ١ لوڻ رهي ٿو).

پورو ٿيو.

(٧) هندستان جي جدا جدا پاڱن ۾ غيرآباد پيل ۽ جهنگ واريون زمينون

| پاڱو | چورس ميل | پاڱو | چورس ميل |
|---|---|---|---|
| مدراس ڪاتو | ١٢٥٠٠ | وچ هندستان وارا پرڳڻا | ١١٢٠٠ |
| بمبئي ڪاتو | ١٠٦٠٠ | مٿين برما | ٢٧٩٠٠ |
| اتر الهندي وارا پرڳڻا | ١٢٣٠٠ | هيٺين برما | ٢٧٢٠٠ |
| اوڌ | ٥٢٠٠ | برار | ١٢٠٠ |
| پنجاب ڪاتو | ٣٨٠٠٠ | ڪورگ | ٨٠ |
| | | آسام ۽ بنگال ۾ گهٽي آهي مگر پڪي طرح معلوم ناهي | |

(٨) هندستان جي جدا جدا پاڱن ۾ في ايڪڙ مان سارين جي سراسري پيدائش

| پاڱو | پائونڊ | پاڱو | پائونڊ |
|---|---|---|---|
| بنگال | ٨٠٦ | اتر الهندي وارا پرڳڻا | ٨١٣ |
| پنجاب | ٦٣٥ | وچ هندستان وارا پرڳڻا | ٤٧٠ |
| برار | ٣٦٩ | ميسور | ٦٧٢ |
| هيٺين برما | ١٢٤٤ | مدراس | ٦٥٨ |
| بمبئي | ٤١٥ | | |

(٩) ڪماند جي رس مان جڙندڙن شين جي جدول (ورتل ايگريڪلچرل ليجر تان)

ڪماند جي رس

- ڪاڙهيل ۽ اڏسڪايل يا پتڙي (گڙ)
  - گوڙين يا گوٽيندڙ دبي ٻيريل
    - (شيرو)
    - اڏوگابرو صاف ٿيل ۽ جاٽيل ۽ اُس ۾ گوهيل (ڪچي کنڊ يا ڪچي چيني)
      - ڪيرم ڪاڙهيل ۽ جاٽيل (سفيد ڀورو ياپڪي جيني يا اڇي کنڊ)
      - ڪيرم ڪاڙهيل جاٽيل ۽ سنگن ۾ سڪايل (مصري)
      - ڪيرسان ڪاڙهيل ۽ جاٽيل ۽ ڪالبن ۾ پلٽيل (قند يا اولا)
- ڪاڙهيل ۽ سڪايل
  - الڪلي (ڪار وغيره) جي وسيلي صاف ڪيل (شڪر يا کنڊ)
  - آرٽاصاف ڪيل (مُستي)

(مصري) ۽ (قند يا اولا): باقي رهيل وري ڪاڙهيل ۽ ٺاريل (لال ڀورو يا گاڙهي کنڊ)

(١٣) ماڻھن جي ڪرفتي يا گڏيل توري پيشاب ۾ جي ١٠٠ ڀاڱن مان ٧٥ تہ پاڻيءَ جا آھن. باقي انھي پاڻيءَ کان سواءِ سخت شين جي ١٠٠ ڀاڱن ۾ ھيٺيان جزا آھن، جي وي صاحب ڏيکاريا آھن:- (صفحو ٩٤ ڏسو)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آرگنڪ شيون | ٨٨ء٥٢ | نرگرند رسليڪا وارو مادو | ١ء٤٦ |
| لوھ جو آڪسائيڊ | ٠ء٥٤ | لائيم يا چونو | ١ء٧٢ |
| ماگنيشيا | ١ء٥٥ | پوٽاش | ١ء١٩ |
| فاسفورڪ آسڊ | ٤ء٢٧ | سوڊا | ٠ء٣١ |
| سلفيورڪ آسڊ | ٠ء٢٤ | عام لوڻ | ٠ء١٨ |
| جوڙ ڀاڱن جو ٩٩ء٩٨ | | | |

(١٤) ماڻھوءَ جي پيشاب جي ١٠٠٠ ڀاڱن ۾ ٣٠ سخت شيون آھن ٻيو رڳو پاڻي. انھي سخت شين جي ٻاھرتي پيشاب مان نڪرن تيون تنہ في سيڪڙي تي ھيٺيون شيون آھن:- (ڏسو صفحو ٩٤)

| آرگنڪ شيون ۽ آمونيا | | نرگرٽ جھڙو سليڪا | |
|---|---|---|---|
| جا لوڻ | ٦٧ء٥٤ | وارو مادو | ٠ء٠٩ |
| لوھ جو آڪسائيڊ | ٠ء٠٥ | لائيم يا چونو | ٠ء٦١ |
| ماگنيشيا | ٠ء٤٧ | پوٽاش | ١ء٨٣ |
| فاسفورڪ آسڊ | ٤ء٦٦ | پوٽاسيم جو ڪلورائيڊ | ٥ء٤١ |
| سلفيورڪ آسڊ | ٠ء٤٦ | عام لوڻ | ١٨ء٨٨ |
| جوڙ ڀاڱن جو ٩٩ء٩٨ | | | |

(١٥) باب ڇهين جي فصلن ۾ جدا جدا جنسن جو بيان ڏنل آهي.

**سنڌ** ۾ جيڪي مکيہ جنسون پوکڻ ۾ اچن ٿيون سي اُنجي جدا جدا ڀاڱن ۾ جدا جدا وقتن تي پوکڻ ۽ لبڻ ۾ اچن ٿيون ۽ ٻج به جدا جدا هنڌن تي گهٽ وڌ وجهڻ ۾ اچي ٿو ۽ پيدائش ۾ گهٽ وڌ ٿئي ٿي. اهو تفاوت اگرچہ تمام وڏو ناهي تب ڏيکارڻ ضرور آهي. انهيلاءِ سيني ضلعن يعني **ڪراچي، حيدراباد، شڪارپور، ٿرپارڪر** ۽ سرحد **سنڌ** جي تعلقن جي مختيارڪار صاحبن کان اهڙو تفصيل گهرائي ڪري مجمل نقشو سڄي **سنڌ** لاءِ تيار ڪري هيٺ ڏجي ٿو، جنهنمان معلوم ٿيندو ته انهن تاريخن اندر **سنڌ** ۾ سيني تعلقن ۾ پوکر جو ڏيکاريل ڪم هلي ٿو. ٻج جو انداز جيڪو گهٽ ڏنو ويو آهي سو ڏنو ويو آهي، يعني ته انهيڪان گهٽ وجهڻ ۾ اچي ٿو وڌ نہ. انهن انگن مان ٿوري ويچار ڪرڻ سان سراسري يا درمياني وقت يا انداز جي خبر پئجي سگهندي ۽ زمين ۽ آب هوا جي حالت موجب اُهي ڪم آڻي سگهبا.

گهرجي ۽ اونهاري ۾ ۹ کان ۱۰ ڪلاڪن تائين، جو انهيءَ کري
مکڻ زياده نڪرندو.

۱۱ - هڪ وقت جو ڏڌ ۽ رکيل کير ڏار ڏار جاڏيءَ ۾ ولوڙجي، ٻئي
وقت جي کير سان گڏ جي نه، نه ته ڪتو ۽ خراب ٿي پوندو ۽ مکڻ
۾ گهٽ ۽ خراب ٿيندو ۽ منجهانس لسي به نڪمي نڪرندي.

۱۲ - سياري ۾ ولوڙڻ کان اڳي ڪوسي پاڻي وجهڻ جي بدران
کير کي تورو گرم ڪرڻ بهتر آهي، نه ته کير توڙي مکڻ کي
حرڪت رسندي.

۱۳ - مکڻ ڪڍڻ کان پوءِ جيڪا لسي رهي سا هڪدم ڪڍي ڌار
ٿانون ۾ رکجي ۽ ولوڙڻ واري چاڏيءَ کي ماڃي ڌوئي صاف
ڪري هوا ۾ رکي ڇڏجي، نه ته ڪتي ٿي پوندي.

۱۴ - کير جا ٿانو صاف هئڻ گهرجن، پوءِ ڪاٺيءَ جا هجن يا مٽيءَ
۽ جيستي جا هجن يا جست جا هجن. ڪاٺي ديال جهڙپ نه
هجي جنهنبر ٻانس رهي. ڪم لئي کان پوءِ هڪدم انهنکي
ماڃي ڌوئي رکجي.

۱۵ - ٿانو خراب ٿي پون ته ڪکن جي مُوئي جوڙي اُنهيسان ملي
صاف ڪرڻ گهرجين.

۱۶ - ولوڙڻ جي لاءِ چاڏي ڪاٺ جي هجي ته بهتر آهي.

۱۷ - جڏهن مکڻ نڪري تڏهن اُهو ڪڍي ڪنهن وڏي رڪابيءَ
۾ وجهجي ۽ ٻن ٽن پاڻين مان لنگهائي هٿ سان منجهانس
لسي نبوري ڪڍجي. پوءِ هوا ڏئي، تورو لوڻ لائي، ٻن
ٻن پائونڊن جيڏو گول يا چورس پنوڙو ٺاهي رکجي.

# ڪتاب جي مضمون جي الف بي وار فهرست


## الف — صفحو

آبپاشي-٢٥ ا- آبپاشي لاءِ واهن ۽ ڪڙين جو بندوبست ١٣٠
آرگنڪ يا حيواني ۽ نباتي جزا ٥١ - ٧٣
آڙاڙي يا آڏائين لاءِ جوار ٻاجهر جي پوکر ١٩٤
آفيم ٢٣٤ - ٢٣٦
آلبيومين ٧٤ - ٧٥
آنا ٢٥٠
ابوجهلي ٢٥١
اُڏ ٻهي ١٧٩ - ١٨٩ - ١٩٢
اِن آرگنڪ يا معدني جزا ٥١ - ٧٣
اِنڊيجينس سائل يا اصلي زمين ٦٠
اوزار، پوکر جي ڪم لاءِ ٣٠ - ١٠٥
آهر ٢٦٦

## ٻ

ٻد ڪون ٢٥٢
ٻصرن جي پوکر ٢٤١
ٻير شراب ١٧٣ - ١٨٤

## ب

ٻاجهري ۽ جوار جي پوکر ١٩٣
ٻج - ٻج جي صفائي ۽ اُنجي حفاظت- ١٤٤
ٻج پوکڻ يا تخمريزي ١٤٧
نر ۽ مادي ٻج جي سڃاڻپ- ١٤٧
ٻج پوکڻ جا رستا- ١٥٠ - ١٥٢
ساڙين جو ٻج پوکڻ- ١٥٤
وئوڻن جو ٻج پوکڻ ١٥٤

ھڪريون ۲۵۴

ھنا ھڏڻ ۱۱۷

## ڀ

ڀاڄين جي پوک ۱۱۶

ڀاڻ- انهيءَ احوال باب ھيو صفحو ۷۳ - ڀاڻ وجهڻ ۲۱ - لوڻ جو ڀاڻ ۲۵- ڀاڻ جي ضرورت ۽ انهيءَ تاثير ۷۶- ڀاڻ جي وصف ۷۷ - ڀاڻ جا قسم- ۷۹ ڪيتين جو ڀاڻ يا حيواني ڀاڻ ۷۹- مصنوعي ڀاڻ ۸۴- قدرتي يا طبيعي ڀاڻ ۸۹ - سائو ڀاڻ ۹۳ - ڏڀي ڀاڻ ۹۴ - ڀاڻ جي نسبت عام ماڻهن جو خيال ۹۸

## ت

تخم ريزي يا ٻج پوکڻ ۱۴۷

ترن جي پوک ۲۰۳

تڙ ۱۷۹

تعليم- پوک جي ۳۱ - تعليم ڏيڻ جا اُپاءَ ۳۴

تماڪ جي پوک ۱۴۹ - ۲۲۷

تيل ۷۵ - تيل ڪيڻ ۲۲۷

## ٿ

ٿوم جي پوک ۲۴۱ - ۲۴۴

## ٽ

ٽرانسپورٽيد سائل يا نقلي زمينون ۶۰

## پ

پاري جو اثر پوک تي ۲۹۷

پاڻي ڏيڻ ۱۹ - زمين کي پاڻي ڏيڻ يا آبپاشي ۱۲۵ پاڻي ڏيڻ جا علحدا رستا ۱۲۷ - مينهن جو پاڻي ۱۲۷ - کوهن ۽ ڍنڍن ۽ واهن جو پاڻي ۱۲۷ - ۱۲۸ پاڻي جو نيڪال ۱۳۳ - زير زمين مان پاڻي جو نيڪال ۱۳۷- پاڻيءَ جي نيڪال جي ضرورت ۱۳۹-

پاڻيءَ جي گھٽائي جا سبب ۱۳۹ – ۱۴۰
پاڻيءَ جي نيڪال جا فائدا ۱۳۳ ڪان ۱۳۶ – ۱۴۱
پاڙ ۵۴ – پاڙ ڪيڏڻ ۱۰۳
پست جي پوک ۲۳۳
پڪين رکڻ مان فائدا ۲۴۹
پڃير جوڙڻ ۲۷۶
پوک – اُن جي قديمي حالت ۱ – پوک جي هاڻوڪي حالت ۳ پوک جا ڪم يا پاڳا ۱۰ – اُنهن جا فائدا ۱۱ – پوک ڪرڻ جي ريت ۱۷ – پوک جا اوزار ۳۰ – ۱۰۵ – پوک جي تعليم ۱۳۱ – پوک جو علم ۽ هنر ۱۴۱ – پوکن جي تشريح ۽ اُنهن جو ڪاڏو ۷۳ – پوک جو سانباهو ۱۱۵ – چڱي پوک تيار واسطي اڳوات جون رٿون ۱۲۱ – پوک جي فصلن جو دستور ۱۵۵ – پوک جي ڪم بابت علم نجوم جون هدايتون ۲۹۶ – پوک جي ڪم جي جنتري ۳۰۴

پوکڻ جا رستا ۱۵۰ – ۱۵۲
پيٽ جي بناوت ۲۶۳ – ۲۶۴
پيٽ (مٽيءَ جو قسم) ۴۵ – ۴۶ – ۵۱
پياجي ۷۴
پيرڻ ڪماند جو ۱۸۹ – تيل جو ۲۲۷
پيهون ۱۷۳

**ق**

قودنو ڪيئن پوکجي ۱۴۹

**ج**

جنتري، پوک جي ڪم لاءِ ۳۰۴
ڄَون جي پوک ۱۸۳
جوار جي پوک ۱۹۳

**چ**

جانيهو سرهم ۲۲۵

**جھ**

جھڻ يا لسي — ۲۷۳

**چ**

چاڪ — ۹۱ ـ ۹۳

چانورن يا سارين جي پوکر — ۱۶۶

چربي وڌائڻ جي تجويز ڪوس جي مال ۾ — ۲۵۸

چڻن جي پوکر — ۲۲۲

چوپائي مال جو واڌارو ۽ اُنھنجي نسل جو سڌارو — ۲۵۹

چوپائي مال جو کاڌو — ۲۶۱-۲۶۲

انھنکي کاڌي جي ضرورت — ۲۶۵

چونو — ۵۲ ـ ۸۹

چيچڙو ڪماند جي پيڙھڻ لاءِ — ۱۸۹

چيڪي مٽي — ۴۷ ـ ۴۸

چيڪي دسڙ — ۴۹

**ح**

حيواني پاڻ — ۷۹

**خ**

خشخاش يا خسخس — ۲۳۴

خودرُو يا پاڻھي چاول اويڙاه اــ سڻي اصل خودرُو ھئي — ۲۱۹

**د**

دَوْرو يا دَوْر فصلن جو — ۲۷ ـ ۱۵۷ ـ ۱۶۳

**ڏ**

ڏونرو — ۲۷۲

**ڌ**

ڌاندار — ۱۰۸

ڌاندن جي نسل جو سڌارو — ۲۵۹

ڌُڌُ — ۲۷۲

ڌُھڻ — ۲۷۱

**ڊ**

ڊسٽ (زمين جو قسم) ٤٨ - وارياسي ڊسٽ - چيڪي ڊسٽ ٤٩

**ڍ**

ڍنڍن ڍورن جو پاڻي ١٢٨

ڍور ٢٩

ڍورن جو بند بست ٢٥٢

**ر**

رائتو يا مَنو ٢٧٣

رتي ١٧٩

رڍون ٢٥٤

رونبو سارين جو ١٥٤

ريج يا آبپاشي ١٢٥

**ز**

زمين يا مٽي ٤١ - اُنجي بناوت ٤٣ - انجي ترڪيب ۽ تشريح ٤٦ - چيڪي مٽي واري زمين ٤٧ - اُنجا جزا يا مادا ٤٨ - ٥٢ - اُنجي پلائي ڍلائي ٥٦ - ٥٧ - زمين جا هيٺيان تهہ يا زيرزمينون ٥٧ - زمين جي تقسيم يا قسموار تفصيل ٥٩ - اصلي ۽ نقلي زمينون ٦٠ - هلڪيون ۽ ڳريون زمينون ٦٦ - ٦٧ - پنجاب ۾ زمينن جا قسم ٦٧ - سنڌ ۾ زمين جا قسم ٦٨ - پلي ۽ ڍلي زمين ۽ ڍليءَ کي پليءَ ڪرڻ جي تجويز ٦٩ - زمين جي تياري ١٠٢ - زمين سنياڻ جا ڏيهي رستا ١١١ - زمين کي پاڻي ڏيڻ ١٢٥ - سرد زمينون ١٣٥ - زمين جا قسم فصلن جي نظرتي ١٦٣ - زمين جي ڪلاس بندي ٢٧٩ - زمين پوکر لاءِ ٺاهڻ ١١ .

زيرزمين ٥٧ - ٻڪايل زيرزمين ٦٥ - زيرزمين مان پاڻي جو نيڪال ١٣٧ .

| | |
|---|---|
| **س** | |
| سارين جو ٻج پوکڻ | ١٥٤ |
| سارين ۽ جانورن جي پوکر | ١٢٦ |
| سانهر يا ليٽڻ | ١٠٩ |
| سامي ، زمين کي فصلن کان | ١٦١ |
| سائو پاڻ | ٩٣ |
| سباڻ | ٢٧٢ |
| سٽڻ | ١٨٥ |
| ستارچ يا پيڇي | ٧٤ |
| سڇن جي ريتي | ٩٢ |
| سج جو پوکر تي اثر | ٢٩٧ |
| سرد زمينون | ١٣٥ |
| سرھ جانچو | ٢٢٥ |
| سٽيپ يا تيل | ٧٥ |
| سٽي | ٢١٩ |
| سيڄ جو اثر پوکر تي | ٢٩٧ |
| سيڊيمنٽري سائل يا اصلي زمينون | ٦٠ |
| سيليولوس يا ڪاٺيءَ جو مادو | ٧٥ |
| **ش** | |
| شکر يا کنڊ | ٧٥ |
| شورو ٩٠ ـ ٩١ – شوري جي پاڻ جو آزمودو | ٢٩٩ |
| **ط** | |
| طبيعي يا قدرتي پاڻ | ٨٤ |
| **ف** | |
| فارم يا کيتيءَ جو بندبست | ٢٤٥ |
| فائبرين | ٧٤ ـ ٧٦ |
| فصل ۽ فصلن جو ڏورو يا وارو ٢٧ـ١٥٧ـ جدا جدا قسمن جي زمين تي وارو | ١٦٣ |

| | |
|---|---|
| فصلن جو دستور | ۱۵۵ |
| سداري جا فصل ۽ تڪائيندڙ فصل | ۱۵۶ |
| فيال مرغ | ۲۵۱ |
| **ق** | |
| قدرتي يا طبيعي پاڻ | ۸۴ |
| قديمي حالت پوکر جي | ۱ |
| قطارن ۾ ٻج پوکڻ | ۱۵۳ |
| **ڪ** | |
| ڪائي جي جزن جو ماڊر | ۷۵ |
| ڪارن فلوئر | ۲۰۳ |
| ڪاز | ۲۵۲ |
| ڪاسين | ۷۴ _ ۷۶ |
| ڪالڪيريس يا چوني واري زمين | ۵۲ |
| ڪپاه جو ٻج پوکڻ ۱۵۴ - ڪپاه جي پوکر | ۲۰۸ |

| | |
|---|---|
| ڪڙب | ۱۹۳ |
| ڪڙيا ۽ واه | ۱۳۰ |
| ڪڪرو ( ڪنڪريٽ ) | ۵۴ |
| ڪڪڙ ۽ ڪڪڙيون | ۲۵۰ |
| ڪُڪِڙ جي گهٽڻ آنن ڏيڻ جي تجويز | ۳۰۳ |
| ڪڪڙا | ۲۱۲ |
| ڪلاس بندي زمين جي | ۲۷۹ |
| ڪماند | ۱۸۵ |
| ڪٽڪ جي پوکر | ۱۷۴ |
| ڪوس جو مال ۽ انجو سدارو | ۲۵۵ |
| ڪُوئا | ۲۰۱ |
| ڪيوڙو ڪين ۽ پوکائجي | ۱۴۹ |
| **ک** | |
| کاٽي واهن جي | ۱۳۱ |

كاڏو- جوپائي مال جو ۽ انجي تشريح ٢٦١
كاڏي جي ضرورت مال کي ٢٦٥
کنڊ يا شڪر ٧٥ – کنڊ ناهڻ جو رستو ١٩٠
کوهن جو پاڻي ١٢٧
کئونر ٧٥
کيتي يا فارم جو بند بست ٢٤٥
کير ڏيڻ وارو مال ، خاص ڳئون ٢٦٩
کير ۽ اُنجي سنڀال وغيره ٢٧١ – ٢٧٢

گ

گُڏ ڪرڻ جا فائدا ١١٨
گليئُ تين ٧٥ – ٧٦
گوانو (پاڻ) ٨٧

ڳ

ڳائو مال ٢٥٢
ڳُڙ ناهڻ جو رستو ١٩٠
ڳئون کيرلاء ٢٦٩

ل

لسي يا جهڻ ٢٧٣
لوڙها پٽڻ ١١٧
لوم يا ڊسٽ ٤٨
لوڻ جو پاڻ ٢٥ – ٨٨
ليٽرڻ يا سانهر ١٠٩
ليگيوُمين ٧٦
ليوهل ونڻ کاتيءَ مهل ١٣١

م

مارل (زمين جو قسم) ٥٢ – ٩١
ماڪ جو اثر پوکر تي ٢٩٧
ماکيءَ جون مکيون ٢٥٢